SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر XXXIV مجريه 2002

# SINDH ORDINANCE NO.XXXIV OF 2002

# اسٽيمپ (چوٿين سنڌ ترميم) آرڊيننس، 2002

# THE STAMP (FOURTH SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 2002

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1899 جي ايڪٽ II جي ترميم
Amendment of Act II of 1899

# سنڌ آرڊيننس نمبر XXXIV مجريہ 2002
# SINDH ORDINANCE NO.XXXIV OF 2002
# اسٽيمپ (چوٿين سنڌ ترميم) آرڊيننس، 2002
# THE STAMP (FOURTH SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 2002

[9 آڪٽوبر 2002]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اسٽيمپ ايڪٽ، 1899 ۾ وڌيڪ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اسٽيمپ ايڪٽ، 1899 ۾ وڌيڪ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن ته صوبائي اسيمبلي 14 آڪٽوبر 1999 واري اعلان تحت ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر نمبر. 1 موجب معطل آهي؛

۽ جيئن ته سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، مٿي ڄاڻايل اعلان ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر سان گڏ پڙهو 1999 جو پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن (ترميم) آرڊر نمبر. 9، ۽ ان سلسلي ۾ مليل سمورن اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر خوشيءَ سان هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and

1.(1) هن آرڊيننس کي اسٽيمپ (چوٿين سنڌ ترميم) آرڊيننس، 2002 سڏيو ويندو.

(2)هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

commencement

1899 جي ايڪٽ II جي ترميم

Amendment of Act II of 1899

2.سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ استيمپ ايڪٽ، 1899 جي شيڊول ۾، آرٽيڪل 19 لاءِ هينئين ريت متبادل ٿيندو:

"19. مالياتي دستاويز، فنانسنگ ڊاڪيومينٽ، چئجي ته اهو اهڙو دستاويز يا دستاويزن جو سيٽ آهي جيڪو وڪري يا ٻيهر خريد ڪرڻ وقت مارڪ اپ تي ٻڌل آهي، جيڪو ڪنهن وعدي يا مفروضي واري معاهدي جي لکت ۾ هجي، گروي بابت هجي، فلوٽنگ چارجج ميمورنڈم آف ڊيڊ جي صورت ۾ هجي جيڪو گراهڪن طرفان بينڪنگ ڪمپنيءَ جي حق ۾ ڪيو ويو هجي، جيڪو هڪ ئي ڏيتي ليتيءَ متعلق هجي ۽ وياج تي نه پر مالیت جي هجي.

| | |
|---|---|
| (i)جتي رقم 1.00 ملين رپين کان وڌيڪ نه هجي | هڪ هزار رپيا |
| (ii)جتي رقم 1.00 ملين رپين کان وڌيڪ پر 10.00 ملين رپين کان وڌيڪ نه هجي | ٻه هزار ۽ پنج سئو رپيا |
| (iii)جتي رقم 10.00 ملين رپين کان وڌيڪ پر 50.00 ملين رپين کان وڌيڪ نه هجي | ڏهه هزار رپيا |
| (iv)جتي رقم 50.00 ملين رپين کان وڌيڪ پر 100.00 ملين رپين کان وڌيڪ نه هجي | پنجويهه هزار رپيا |
| (v)جتي رقم 100.00 ملين رپين کان وڌيڪ پر 300.00 ملين رپين کان | پنجٽيهه هزار رپيا |

| | |
|---|---|
| وڌيڪ نہ هجي | |
| (vi)جتي رقم 300.00 ملين رپين کان وڌيڪ پر 500.00 ملين رپين کان وڌيڪ نہ هجي | پنجاهہ هزار رپيا |
| (vii)جتي رقم 500.00 ملين رپين کان وڌيڪ هجي. | هڪ لک رپيا |

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي**